SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1995

SINDH ACT NO.VIII OF 1995

سنڌ ملازمن جو خاص الائونس (ادائگي) (ترميم) ايڪٽ، 1995

THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ACT, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم
Amendment in Sindh Act X of 1986

3. منسوخي
Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1995

SINDH ACT NO.VIII OF 1995

سنڌ ملازمن جو خاص الائونس (ادائگي) (ترميم) ايڪٽ، 1995

THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ACT, 1995

[25 آڪٽوبر 1995]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ملازمن جو خاص الائونس (ادائگي) (ترميم) ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1986 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم

Amendment in

2. سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾، دفعہ 13_A کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"3_B. هر ملازم کي دفعات 3 ۽ 3_A تحت ملندڙ الائونسز

Sindh Act X of 1986	كانسواءِ ان کي ملندڙ ڏهاڙي جي قطع نظر، سندس ملازمت جي سلسلي ۾ پهرين مئي 1995 تي يا ان کانپوءِ، کيس سندس مالڪ طرفان هڪ اضافي خاص الائونس هڪ سئو رپيا ماهوار برابر ڏنو ويندو.".
منسوخي Repeal	3.سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1995 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.